# 7. سنتوُ شهاڻي

وشنو نينارام شرما (1894 - 1973ع) هڪ اخبار نويس ۽ ڪالم نگار ٿي گذريو آهي. هوُ 'شري' نالي سان قلم هلائيندو هو. هن جي ليکن جا مجموعا آهن : 'پتر تي ليک' ۽ 'منهنجي ڪير ٻڌي'

هن ليک ۾ سنڌي سپوت سنتو شهاڻيءَ طرفان ديش لاءِ ڪيل شيوائن جو بيان ڪيل آهي.

1962ع ۾ جيڪا چين سان ڇڪري لڳي. تنهن ۾ اسان جي بچاءُ ڪاتي هڪ سبق اِهو سکيو ته فوجي جوانن کي گهربل ماڊرن هٿيار ملڻ گهرجن. مکيه ۾ مکيه هٿيار ڪپندا هئا. 'آٽوميٽڪ بندوقون' ۽ اُهي به لکن جي تعداد ۾ کپن. ڪروڙن جو انهن تي آهي خرچ. ڪروڙ به خرچ ڪجن. پر 'فارين ايڪسچينج' سرڪار وٽ ميسر ڪانه! يوروپ جا ملڪ انهن آٽوميٽڪ بندوقن پهچائڻ لاءِ تيار هئا ۽ ممڪن هو ته انهيءَ لاءِ اُهي ''فارين ايڪسچينج'' به پيدا ڪن ها! فوجي ماهر پاڻ ۾ گڏيا ۽ اِها پڙتال ٿيڻ لڳي ته اهي آٽوميٽڪ يا سيمي آٽوميٽڪ بندوقون ديش ۾ نهي سگهن ٿيون يا نه! گهڻو ڪري سيني ماهرن اِها راءِ ڏيکاري ته ديش ۾ اهڙا هٿيار اينرو جلد نهي نه سگهندا. تنهن ڪري ٻاهرين ملڪن مان گهرائجن. فقط هڪ شخص، سنتو شهاڻي، جيڪو آرڊينس فئڪٽرين جو ڊائريڪٽر جنرل هو. تنهن چيو ته ''اهي بندوقون هندستان ۾ نهي سگهن ٿيون ۽ گهربل وقت اَندر بندوقن جو تعداد پهچائي سگهبو. ائين بندوقون ناهڻ ۾ ڪنهن به وديشي پيسي (فارين ايڪسچينج) جي گهرج ڪانه پوندي.''

سنتو شهاڻي هينئر رات ڏينهن ڪم ۾ لڳي ويو. نه صرف پاڻ پر سندس زبردست به پيروي ڪرڻ لڳا. سنتو شهاڻيءَ کي ڀارتي انجنيئرن ۽ ڪاريگرن جي سرانجامي ۽ هوشياريءَ ۾ پورڻ وشواس هو. هن کي تسلي هئي ته ڀارتي ڪاريگر دنيا جي ڪنهن به انجنيئر کان گهٽ نه آهن. پاڻ ڪن ڳالهين ۾ پرديسين کان سرس آهن. سنتو شهاڻيءَ جدا جدا هنڌن تي نوان فوجي سامان جا ڪارخانا کوليا ۽ انهن ۾ رات ڏينهن ڪم ٿيڻ لڳو. پاڻ به سورهن ڪلاڪ يا مٿي ڪم ڪندو رهيو. ڏينهن جو ڪم ۾ ته رات جو هوائي جهاز ۾ چڙهي صبح جو سويل ئي ٻئي ڪارخاني تي نگهباني ڪندو ۽ ڪم جي سر انجامي وٺندو هو. هن جا زبردست اهڙو ته ڪم ۾ جنبيل، جو ڪم مقرر وقت کان اڳي پورو ڪري وٺندا هئا.

'ڪو ڪم ناممڪن آهي' اِها ڳالهه ته هو سکيائي ڪين هئا، نتيجو اِهو نڪتو جو ڪامياب سيمي آٽوميٽڪ بندوقون هندستان جي ڪارخانن مان لکن جي تعداد ۾ تيار ٿي نڪتيون. سي به مقرر وقت کان اڳ ۽ رقم به گهڻي گهٽ لڳي. ڀارت سرڪار سنتو شهاڻيءَ جي ان ڪم کان متاثرٿي کيس 'پدم پوشڻ' جو خطاب عطا ڪيو.

ڪنهن کي سُڌ هئي ته ڀارت جو اهڙو اعليٰ. ديرينو ۽ ڄاڻو ڀارت جو سپوت اوچتو اجل جو شڪار ٿي ويندو! سڀ چوندا هئس ته ''سنتو ڪجهه آرام به وٺ. سڄو وقت پيو ڪم ڪرين. جُهري پوندين!'' پر هن دوست نه مڃيو. سڄو وقت ڪم ۾، آرام صرف ڪري هوائي جهاز جي مسافريءَ ۾ ۽ وري ڪم. ائين مهينن جا مهينا ۽ سالن جا سال ڪيائين. آخر هڪ دفعي ڪلڪتي ۾ سڄو ڏينهن ڪم ڪري رات جو هوائي جهاز ۾ آرام ڪرڻ لاءِ دهليءَ طرف هليو پر اُهو ڦُن جو آخرين سفر هئو ۽ پوءِ هميشه لاءِ ڀارت ماتا جي گود ۾ وڃي آرامي ٿيو.

ڪلڪتي ۾ جيڪو شاهي ملٽري ماتم نڪتو، تنهن ۾ سنڌين کان سواءِ ٻين جي اکين ۾ به آنسون هئا. دنيا ڏسي سگهي ته ڪيترو نه پيارو هو سنتو شهاڻي ۽ ڪيئن نه سڀ لوڪ، سرڪار سوُدا سندس قدر ڪري رهيا هئا. اهڙو ماتمي جلوس ويجهڙائيءَ ۾ ڪلڪتي منجهه ڪين نڪتو هو ۽ ڪلڪتي جي رهواسين ۾ سنڌين جو اَڳي کان وڌيڪ سنمان ٿي رهيو هو. ڪلڪتي جي گهڻو ڪري سيني اَهم اخبارن، انگريزي توڙي بنگاليءَ ۾ مکيه ليک خبرون ۽ فوٽا سنتو شهاڻيءَ جا آيا. هند سرڪار ۽ بينگال سرڪار جا عيوضي ماتم ۾ شامل هئا ۽ سندس ارٿيءَ تي ڦول مالهائون چاڙهيون ويون.

## نوان لفظ :

اعلي - اوچ ڪوٽيءَ جو
تعداد - انداز
اجل جو شڪار ٿيڻ - مري وڃڻ
جھري پوڻ - ڍھي پوڻ، ڪمزور ٿيڻ، بيمار ٿيڻ
متاثر ٿيڻ - اثر ھيٺ اچڻ
عملي جامو پھرائڻ - عمل ۾ آڻڻ
عطا ڪرڻ - ڏيڻ، بخشڻ

## اڀياس

سوال ١ :- ھيٺين سوالن مان ھرھڪ جو جواب ھڪ ٻن جملن ۾ لکو :

١) ڀارت جي چين سان ڪھڙي سال چڪري لڳي؟
٢) چين سان ٿيل چڪريءَ مان اسان ڪھڙو سبق پرايو؟
٣) سنتوُ شھاڻيءَ جا ساٿي سندس پيروي ڇو ڪندا ھئا؟
۴) سنتوُ شھاڻي ھر روز ڪيترا ڪلاڪ ڪم ڪندو ھو؟
۵) سنتوُ شھاڻيءَ کي آرام ڪرڻ جو موقعو ڪٽي ملندو ھو؟

سوال ٢ :- ھيٺين سوالن مان ھرھڪ جو جواب پنجن ستن جملن ۾ ڏيو :

١) سنتوُ شھاڻيءَ جو آٽوميٽڪ بندوق ٺاھڻ بابت ڪھڙو ويچار ھو؟
٢) ڀارت سرڪار سنتوُ شھاڻيءَ کي ڪھڙو خطاب ڏنو ۽ ڇو؟
٣) سنتوُ شھاڻيءَ جي ماتمي جلوس جو ورنن ڪيو؟

سوال ٣ :- (الف) ھيٺين لفظن مان صفتون ٺاھيو :

ڪم، ھوا، رات، اڄ

(ب) ھيٺين لفظن جا ضد لکو :

خرچ، مُمڪن، اعلي، ڪامياب

(ب) ھيٺين جا ساڳئي معنيٰ وارا لفظ لکو :

تعداد، وشواس، خطاب، آنسوُ.

(پ) وياڪرڻ موجب ڳالھائڻ وارا لفظ لکو :

ھوندو ھو، حيران، ھاڻي، تنھنجو، کي

(د) ھيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:

اجل جو شڪار ٿيڻ، متاثر ٿيڻ، عطا ڪرڻ، جھري پوڻ، عملي جامو پھرائڻ

سوال ۴ : ”جتي چاھ اُتي راھ“ اُپٽار لکو.

# پورڪ اَڀياس

(۱) ڌڪر تي عملي ڪم

1962ع ۾ جيڪا چين سان ............................. پورو ڪري وٺندا هئا.

(i) ڌڪر مان، هيٺ ڏنل لفظن سان ٺهڪندڙ انگريزي لفظ ڳولهي لکو:

ودیشي — ( )

هڪ ڪنڊ — ( )

تڪنيڪ جو ڄاڻو — ( )

جديد — ( )

(ii) هڪ سِٽ ۾ جواب ڏيو :

(۱) سنتوُ شهاڻيءَ جو ڪنهن ۾ پورڻ وشواس هو؟

(۲) چين سان لڙائيءَ ۾ بچاءُ ڪاتي ڪهڙو سبق سکيو؟

(۳) آرڊينس ڊائريڪٽر جنرل ڪهڙو رايو ڏنو؟

(۴) سنتوُ شهاڻي جُدا جُدا هنڌن تي ڪهڙا ڪارخانا کوليا؟

(iii) ضدن جا جوڙا ملايو :

| | |
|---|---|
| پورو | پٺي درجي جو |
| وشواس | ناممڪن |
| مُکيہ | اَڌپورو |
| ممڪن | اَوشواس |

(iv) هڪ لفظ ۾ جواب لکو :

(۱) خرچ سان لاڳاپو رکندڙ = [ ] (۳) وڏيڪ جو ضد = [ ]

(۲) پارٽي انجنيئرن جو ڳُڻ = [ ] (۴) ''ڄاڻوُ'' جي معنيٰ ڏيکاريندڙ = [ ]

(2) 'Google' تي 'thesindhuworld.com' تي وڃي شهيد پريم رامچنداڻي بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪيو.

(۳) 'سئنڪ جي آتم ڪٿا' لکو.

(۴) سئنڪ ۽ عام اِنسان وچ ۾ گفتگو لکو.

C7HVJD